# شڪايعن



عبدالقادر جوڻيجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# شڪليون

(مختلف شخصيتن جا خاڪا)

عبدالقادر جوڻيجو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
حيدرآباد، سنڌ
١٩٧٩ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ترتيب


۱- وڏيرو نسيم کرل ۹

۲- توهر جي ماکي آغا سليم ۲۰

۳- ڳڏي، خمرو ۽ خيرالنساء جعفري ۲٦

۴- نميره رزين ٥

۵- اسات سرفراز ٦

٦- حميد ٣

۷- ميان علي محمد چانڊيو ٢

۸- مانيٽو اوٽو ٤

۹- شوڪت شورو ۹۳

۱۰- علي فقير ۱۱۰

۱۱- مدد ۱۲۰

۱۲- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۱۳۳

۱۳- مراد علي مرزا ۱۴۳

۱۴- تنوير جوڻيجي ۱٥۴

۱٥- ناز يٽو ۱٦۲


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

رکي ٿو، تيئن سندس خاڪا به ٻين جي لکيل خاڪن کان بلڪل الڳ ٿلڳ آهن، سندس ٻولي دل ۾ گهر ڪندڙ ۽ مثال ٺهڪندڙ هوندا آهن، جيڪي خاڪن ۾ پاڻ وڌيڪ وڻندڙ ۽ چٽا ٿي بيٺا آهن. خاڪن ۾ رڳو هڪڙي خامي نظر اچي ٿي ته گهڻي ڀاڱي جوٽيجي سيني کي، جن تي خاڪا لکيا اٿس، فرشتو ڪري ڏيکاريو آهي، حالانڪ خاڪي ۾ شخصيت جو فقط هڪڙو رخ نه ٻيو رخ به ڏيکاربو آهي، يا ڏيکارڻ گهرجي، البت Balance ضرور رکجي. عبدالقادر پاڻ اِها ڳالهه مڃي آهي ته هن شخصيت ۾ رڳو هڪڙو پاسو ڏنو آهي، ۽ انهيءَ تي لکيو اٿس.

آءٌ اِهو ضرور چوندس ته هنکي ٻئي پاسي به ڪجهه ڏسڻ، ڪجهه لکڻ گهربو هو، پر پوءِ به اهي خاڪا سنڌيءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا.

— طارق اشرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آءٌ ٿورائتو آهيان نجمہ (منهنجي زال) جو، جنهن لکڻ وقت پين ڦري ڇڏي، هٿ پرڏنو ٿي ۽ لوڻ مرچ جا اگهہ ٿي ٻڌايائين.
آءٌ ٿورائتو آهيان علي محمد چانڱ جو، جنهن عين ان وقت ٿي اچي ڪڙو ڪڙڪايو جڏهين آءٌ خاڪو لکڻ ويٺو هوندس.
آءٌ ٿورائتو آهيان علي نواز ڀٽي جو جنهن منهنجو خاڪن ٿي لڳائي خراب ٿيندڙ وقت کي سجايو ڪرڻ لاءِ ڪار ۾ کڻي حيدرآباد جون گهٽيون ٿي ڏيکاريون ۽ سنيمائن جا پوسٽر ٿي پڙهايا ۽ ناني جمن (سنڌ يونيورسٽيءَ جو هڪ ملازم دوست) جون ست سريون ٿي ٻڌرايون.
آءٌ ٿورائتو آهيان بلبل ڪورواهيءَ، قسم حيدر، عابد مظهر، علي بخش منّي ۽ ميرخان جت جو، جن منهنجو تمام گهڻو وقت خراب ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو جانبدار ۽ سخت روپ چوندا سون. نسيم، ڪهاڻيڪار شاعر نه آهي، پر ڏاڍو سخت قسم جو پرپور ڪهاڻيڪار آهي، نگاهن ۾ سچائيءَ جو ظلم پريل اٿس. وقتي وقتي ڪائنس ڊپ به ڏاڍو ٿيندو آهي، سندس جسّو ڏسي نه، پر ڪهاڻيون پڙهي، ڇو ته هو انسان جي ڪمزورين کي منٽن ۾ گهڻتر مان جهلي وٺندو آهي، 'گذريل واردات' ان جو ڀڪڙو مثال آهي.

نسيم پنهنجي هڪ مضمون ۾ امر کي 'جليل' بدران 'ذليل' چئي ڇڏيو، تيئن آءٌ کيس 'ڪرل' بدران 'ڪريل' چوندس، ڇو جو چئن ڇڳن جي وچ ۾ ويهي ڪين مٽون تي سچ ڦهڪائي ڏئي ته اهو 'ڪريل' نه ٿيو ته ٻيو ڇا ٿيو؟

---



Scanned with CamScanner

ڪهاڻي جي ڪردار ڪي، جيئن به آهن، جهڙا به آهن، قبول ڪري، پنهنجو پاڻ کي انهن کان ڇني ڌار ڪري غير جانبدار ٿي، انهن کي لکت جي سٽاءَ ۾ آڻي Sur-realism جي مڪتبه فڪر ۾ اچڻ جي بدران خيرالنساء جو نياءُ مختلف قسم جو آهي. اهو هيءُ ته خيرالنساء پنهنجن ڪهاڻين جو ڪردارن سان 'نسبتا وڌيڪ' Involve ٿيل آهي ۽ هر ڪردار ۾ خيرالنساء جي ساري ته نه پر سندس پاڇو لاڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان ڪري ڪيس بنا شڪ جي Sur-realism جي مڪتبه فڪر ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو. هت اهو به سوچڻ گهرجي ته اسان وٽ ٿيندڙ پرک ۾ فن جي جوڙجڪ جي مڪتبه فڪر جي نڪته نگاهه کان تمام گهڻين ڪهاڻيڪارن کي realist سمجهيو وڃي ٿو. حالانڪ ائين نه آهي. مثلاً جمال ابڙي، غلام رباني ۽ منهنجي لاءِ اهو چيو ويندو آهي ته اهي Social-realist آهن. پر حقيقت ۾ انهن ٽنهين ليکڪن جون ڪهاڻيون غور سان پڙهبيون ته ليکڪن جي ڪردارن سان گهري Involvement ڏسڻ ۾ ايندي انڪري کين realist چوڻ بدران جيڪڏهن Sur-realist چيو وڃي ته بهتر. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ Social-realism جا سٺا مثال رسول بخش پليجو، نسيم کرل ۽ غلام نبي مغل آهن. هت وري اهو سوال اٿندو ته ڪردارن سان Involvement جي سلسلي ۾ آخر جديد نڪته نگاهه رکندڙ ڪهاڻيڪارن جن جو تعلق Existentialism Stream of Conciousness ۽ ٻئي جديد فڪر سان آهي، انهن کي ڪٿي به لکجي مثال


Scanned with CamScanner

طور آغا سليم، ماڻڪ، مشتاق شورو ۽ شوڪت حسين شوري جون ڪجهه ڪهاڻيون؟ — ان لاءِ عرض آهي، ته ڪردارن سان 'نسبتاً وڌيڪ' Involve هئڻ جي بجاءِ مڪمل طرح ني Involve آهن، ٻيءَ صورت ۾ هو خود پنهنجا ڪردار آهن.

بهرحال خيرالنساء جعفريءَ جو فني نڪته نگاهه ڪان ڪهڙي به مڪتبهِ فڪر سان تعلق هجي پر ڪهاڻيءَ ڏانهن سندس سخت Artistic approach هئڻ ڪري، سندس ڪهاڻيڪارن ۾ اوچو مقام آهي.

---

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## ثميره زرين

اسان وٽ رواج ۾ رسمون گهر ڪري ويا آهن. انهيءَ منسبت سان اسان لکڻ وارن، ڇاپڻ وارن ۽ پڙهڻ وارن وٽ به گهڻيئي رواج ٿيا آهن. هڪڙو رواج آهي ته ڪو ليکڪ يا ليکڪا جيئري هجي ته اڏ تي به نه پڇوس ۽ جي گذاري وڃي ته پوءِ ويهي سندس وڏاين ۽ چڱاين جا راڳ ڳايو. ڪلاسيڪل انداز ۾ نه ٿي سهي پاپ ميوزڪ ۾ ٿي سهي. اسان وٽ ٻيو رواج اهو آهي ته اها ڳالهه بار بار هر محفل ۾ ورجايو، هر مضمون ۽ هر خط ۾ اهو لکو ته ”ميان جيئري جيڪو قدر نه آهي، مري وڃڻ ڪانپوءِ تا قدر ڪريون. اسين مرده پرست آهيون، هينئن آهيون، هونئن آهيون، وغيره وغيره.“ ٽيون رواج اهو آهي ته گذاري وڃڻ واري سان رکي ٿلهي پري ڪان سلاماليڪي هجي، جيڪڏهن اها به نه هجي ته پرواهه نه آهي پر ظاهر اهو ڪيو ته ”مرحوم يا مرحومه سان منهنجي گهاٽي واقفيت هئي، مونسان هي ڳالهيون ڪيائين، مونسان هو ڳالهيون ڪيائين، فلاڻي ڪهاڻي يا فلاڻو بيت منهنجي چوڻ تي لکيائين.“ چوٿون رواج اهو آهي ته جيڪو گذاري وڃي ته انهيءَ تي اهڙي نموني سان مضمون لکون، جنهن ۾ گذاري وڃڻ واري جي پذيرائي گهٽ ٿئي ۽ اسان لکڻ ۽ تقرير ڪرڻ وارن جي پذيرائي وڌ ٿئي. انهيءَ ڪري اهي امڪان به رهن ٿا ته منهنجي هن خاڪي ۾ ’ثميره زرين‘ گهٽ ۽ ’عبدالقادر جونيجو‘ وڌيڪ هجي، انڪري جيڪڏهين مونکي معاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پلا پري نہ وڃي، اهو جيڪو مون جملو ثميره کي چيو، آهو جملو ابتو نہ ڪري چئو پوءِ ڏسو خيرالنساء جعفريءَ جا ڪم.

ثميره ۾ ڏکِهي ادبي بحث ۾ پوڻ ۽ ڪنهن پاڪستاني فلم تي بہ بقراط ستي بحث ڪرڻ ۽ ماڻهن جي جهالت ۽ لا علميءَ تي روئڻ جي عادت صفا نہ هئي، ٻڌندي گهڻو هئي، ٻڌائيندي گهٽ هئي. البت پنهنجي پياري ياءَ جو ذڪر جڏهن ڪندي تڏهن ٻڌائيندي گهڻو هئي ۽ ٻڌندي صفا ڪونہ هئي.

’ٻڌڻ‘ جو منجهس هڪ ٻيو نرالو شوق بہ هو ۽ اتفاق سان اهو شوق مونکي بہ هو ۽ آهي.

آهو هيئن تہ —

انگريزي نہ مونکي ايندي آهي نہ ثميره کي ايندي هئي، اهو اسانکان ڪونہ پڇندو هو تہ سنڌي جملن ۾ انگريزيءَ جا لفظ يعني انگريزي ڳالهائڻ ۽ ماڻهن تي رعب جمائڻ جي خواهش پوري ڪيون. اسان انهيءَ خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ لن ماڻهن کي شڪار بڻايو، هڪڙو شهاب ثاقب هاليپوٽو، ٻي رعنا صديقي ٽيو زاهد مخدوم. ثميره جي اها ڏيولي هئي تہ رعنا کي ڦاسائي اچي، منهنجي اها ڏيولي هوندي هئي تہ شهاب ۽ زاهد کي ڦاسائي اچان ۽ سائين بقادار شاهہ تي اها ڏيولي هوندي هئي تہ جيڪا ڇانهن ناهي، سا اهڙي ناهي جو اڳي کان ٻہ رتيون ڪسر هُجي.

جڏهن سچو ٽولو آفيس ۾ اچي گڏ ٿيندو هو تڏهن ڏاڳهن

صرف ڪتاب ئي ڪڍي سگهندا - تنهنجي منهنجي جاء
نہ آهي.
علي محمد چانڊگ (جيڪو هن ڪتاب ۾ بہ موجود آهي)
وانگر جيڪڏهين اوهانکي حسب معمول پنهنجي ڪنهن
دوست اڳيان پوري ڏينهن جي ڪاروائي بيان ڪرڻي آهي
بلڪ نشر ڪرڻي آهي ۽ ان ۾ جيڪڏهين اوهان اهو
بيان ڏنو تہ ”سرفراز مونسان هيٽرو وقت يا هيٽرو گڏ هو.“
تہ انهي جملي ڪي جملو هئڻ جي باوجود ڪابہ معني نہ
هوندي، پر جيڪڏهين اوهان چئو تہ ”اڄ سرفراز سان گڏ
هوس،“ تہ پوءِ ان جملي ڪي معنائون ئي معنائون آهن. چوتہ
جيڪڏهين اوهان ڪيس چوندؤ تہ ’ڏڪڻ هلون‘ تہ پوءِ
يقيناً هو آتر ڏانهن هلڻ شروع ڪندو، ايتريقدر جو اولهہ
يا اوڀر وڃڻ جو بہ تڪلف نہ ڪندو. پر پاڻيءَ ڪي سامهون
هلندو آهي، سرفراز دوست ڪي سامهون هاندو پوءِ اهو
دوست سنڌو درياءَ ئي چونہ هجي، ماسات سان ڪو هلي
تہ هلي پر ماسات ڪنهن سان نہ هلندو. انڪري هيءَ خاڪو
ماسات ڪي ظاهر نٿو ڪري پر ماسات خاڪي ڪي ظاهر
ڪري ٿو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حالت تي رحم کائڻ جي بدران تنهنجي آزادي ختم ٿيڻ ۽ دادلي ٽيبل ڦرجڻ تي سخت احتجاج ڪيائين. ۽ مونکي صورتحال جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪيائين. خدا جيءَ مهربانيءَ سان ان وقت حميد آفيس ۾ ڪونه هو، ڇو ته رعنا ڪڏهن به مصلحت کان ڪم نه وٺندي آهي، جيڪو دل ۾ سو چپن تي. ڪنهنکي ڳالهه وڻي نه وڻي، سنراڃيءَ ۾ جنهن ڳالهه کي سچ سمجهندي چٽي ڪندي. خداجي بندي ڪڏهين به Diplomacy سان ڪم نه وٺندي آهي. ياڳ وڏا آهن شفيق صديقيءَ جا جنهنجي گهر ۾ اهو سچ جو سونو تڪر اچي ڪريو آهي.

بهرحال آزادي ۽ ٽيبل جي جدوجهد اچا ڪو رنگ اختيار ئي ٿي مس ڪري ته حميد آهستي آهستي ڪوڙڪي مونڊانهن آچلائي. پتوئي ڪونه پيو هٿ، ٻانهون ۽ دماغ سڀ سُنڪ ٿي ويا.

”قادر بسڪوٽن سان مڙيئي دل اٿئي، نه؟“

”ها سائين مڙيئي....“

”ها ها دب قصي کي....“ ٽيبل جي خاني مان بسڪوٽ ڪڍي ير ۾ ويهاريندي بسڪوٽ اڳيان رکندي چيائين،

”سچو ڊبو چٽ نه ڪجانءِ، گهر ۾ موچڙا ملندم.“

بسڪوٽن سان گڏ گهر جو هڪ ننڍڙو راز به منهنجي اڳيان رکي ڇڏيائين.

پوءِ ڳالهه آهستي آهستي اڳتي وڌي ـ لکندي لکندي وچ مان هڪل ڪندو.


Scanned with CamScanner

”ٻکي!“
”جي.“
”آهين ٽاڏائيءَ ۾؟“
”ها!“
”سگريٽ جو سوٽو ڪونہ ٿو هڻين؟“

”ٻکي اڄ آرٽس فئڪلٽيءَ جو چڪر ڪونہ ٿو ڪاٽين.“
”سستي ٿي پيئي آهي.“
”بس نہ، پيو تہ ڪجهہ نہ آهي.“
”پيو چا ٿيندو.“

پوءِ کِلندي حميد جي ٻئگ. ٻئگ ۾ ڪاغذ گهڻ ۽ گوريون دوائون وڏيڪ پيل هونديون آهن، دل جي مرض کان وٺي تنگ جي سور تائين ۽ تنگ جي سور ڪانوٽي 'پيٽ جي سور' تائين وٽس دوائون پيل هونديون آهن. هونئن مرض نہ ڇڏيو تہ پوءِ چيڪ بوڪ ڪڍندو. چيڪ بوڪ نڪتو آهي تہ دل جا سڀ درد دور ٿي ويندا.

حميد رکو دوائن ۽ چيڪ ٻُکن سان علاج نہ ڪندو آهي ٻر جين ٻہ ڪيندو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ ڪڏهين ڪو ڏينهن اهڙو هوندو آهي جو ماڻهوءَ جي مٿي تي ڀوت چڙهندو آهي. انهيءَ ڀوت جي وڏي ۾ وڏي نشاني آهي ٽڏا ساهہ ـــ حميد ٽڏا ساهہ ڀڏي ڀورين تہ اکين ۾ معنائون ڀري نهاريندو، پوءِ چپن تي ٽڙندڙ مُرڪ، انهيءَ مُرڪ ۾ هڪڙي هوندي معنيٰ، ٻئي هوندي بيماريءَ


Scanned with CamScanner

اها ڳوڻ ڪنٽي ئي مون.
”اڙي بابا تو ڪيئن ڪنٽي. هيءَ ته اسانجي ....“
”نه نه آءٌ ائين ڪوله تو چوان. پر آءٌ نه هجان ها ته ڳوڻ اوهان ڪان ڪونه ڪڇي ها.“
پر اها لئه ڪندو آئي روبرو. هٿي پاسي رپورٽ ڏيٺي پوبس تهپوهپنهنجو ’ڪريڊٽ‘ ٻهرين جي حوالي ڪري ڇڏيندو. باقي منهن تي پنهنجيءَ طاقت جو رعب ضرور وجهندو. انهيءَ مان اهو نه سمجهبو ته ڪو الانا صاحب اسان ڪان ڳوٺيون ڪٺائيندو هو پر مطلب ته ٻيا ڪم، جيڪي ڪارڪنن جا ٿيندا آهن.
پڇبس، ”حميد صاحب، اوهاسيون چو ٿا ڏيو؟“
”بس يار پوڙها اچي ٿيا آهيون.“
وري پڇبس ”حميد صاحب بس ۾ پوبان چو ٿا وهو؟“
”بس پوڙها ماڻهو جو ٿياسين.“
وري پڇبس ”حميد صاحب آهستي چو ٿا هلو؟“
”يار پوڙها هڏ آهن.“
”حميدصاحب تڪا ڊ وڙندا چو ٿا هلو؟“
”چا ڪريون پوڙها جو ٿياسين.“
بس پوڙهپڻ ته اچي حميد مان ڦاٽي آهي. اچا ته ماشا الله وار ڪارا لڳا پيا اٿس، چمڙيءَ ۾ سر ڪونه پيا اٿس. ڪڙائيءَ تڙائيءَ سان تو هلي، سياڻي هلندي جڏهين ڪجھ وار اچا ٿيس، هڪڙو اڌ ڪو سڙ ”بس تڏهين مورڳو ائين نه چوڻ شروع ڪري ته ”بس يار مري ويا آهيون.“


Scanned with CamScanner

ڪيو ته پوءِ ئي طلاقون ڏيندس اوهانڪي به."
طلاق مونکي ته ڏيندي دير ڪونه ڪري پر هڻ ڙي حميد تنهنجيون ڪوڙڪيون، شل نه ڪو ڦاسي، چانگ نه رکو پاڻ ڦاسي پيو، پر اسان کي به ڦاسائي رکيائين. اسانکي اهو به پتو پيو ته علي محمد چانگ روزانو هڪڙي فلم ڏسندو آهي.
"چانگ فلم ڏسڻ هلون؟" حميد ستند وارو ڏک هنيس.
"هلو. ڪهڙيءَ فلم تي هلون؟"
"Sun Flower."

چانگ جي چهري تي جيڪا رونق آئي هئي سا فلم جو نالو ٻڌي گم ٿي وئي. منهن ڦٽي ويس.
"پوءِ هلون؟" حميد زور پريس.
"او خدا جا بندا، چو ٿا طلاق ڏياريو. توهانکي فلم ڏسڻي آهي يا سقراط جا وچي ٻير چٽڻا آهن. خدا جا بندا ڪڏهين ته عقل جي ڳالهه ڪندا ڪريو. اسان غريبن تي اهو رعب نه جمايو. فلم ٿا ڏسڻ هلو يا پنهنجو مٿو کپائڻ."
"پر فلم ته تمام سٺي آهي."
"ها سائين، اوهان به تمام سٺا آهيو. ميان فلم ڏسڻي اٿان ته مونکي چڏيو. هلو ته هلي مزل، عاليه، نجمه ۽ فردوس جا ناچ ڏسون. هڻ مزل، تنهنجون آچلون، ليچڪ اپچڪ تيچڪ."

بس پوءِ چانگ اچي ٻڌي پروپئگندا اسانکي ليچڪ اپچڪ فلمن تي وٺي وڃڻ لڳو. اڄ ڏس ته 'الارم' پيا ڏسون. اڄ


Scanned with CamScanner

حميد 'حميد' ٽي رهيو هو ڊائريڪٽر ٽي نه.

مونکي وڏيڪ پتو وري تڏهين پيو آهي، جڏهين حميد انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڇڏي پبلڪ اسڪول ويو. اڄ ڏس ته پٽيوالو ولي محمد ڪنڀ ڪيو لطيف آباد اڏائو وڃي. اڄ ڏس ته بشير، لطيف آباد نمبر ٦ جا چڪر پيو ڪاٽي. اڄ ڏس ته علي محمد ۽ عبدالقادر نئين چڙهيل ٽيچڪ ٽيچڪ فلم جون خوبيون ڳڻائيندا لطيف آباد لڳا وڃن.

آهو 'وڃڻ' وارو ٽي کهڙو جيڪو پويان پيرن جا نشان نه ڇڏي.

---

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ميٺش تي:
”توهان ڪهاڻيون لکندا آهيو؟“
”جي.“
”بيت ڪونہ لکو؟“
”نہ.“
”ڪهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکندا آهيو؟“
”عام ماڻهن جي زندگيءَ متعلق.“
”اڇا اڇا.... لوڪ ڪهاڻيون لکندا آهيو.“
”لوڪ ڪهاڻيون تہ نہ پر.... ماڻهن جي پراملبمز تي.“
”اڇا اڇا! پرابلم.... برابر.... برابر، اهو سگريٽ گهڻن اديبن جي آڱرين ۾ قاتل ڏسندو آهيان. اوهان تہ پنجين نمبر ۾ ناسابو پوءِ تا سوٽو هئو. ڀلا سڀ اديب هڪڙو براند پيئندا آهن ڇا؟“
”هڪڙو براند تہ نہ هوندو آهي.“
”ها.... پوڙها اديب وري لوڪ ادب جو براند پيئندا آهن. دراصل اوهانجي مارڪيٽ ۾ ملندا ئي بہ براند آهن. معاف ڪجو، آءٌ تہ Marven پيئندو آهيان.“
اها هُني پهرين ملاقات ۽ دل چيو تہ، ”جوڻجا ڀڃي جند ڇڏاءِ هيت تنهنجي دال نہ ڳرندي.“ پر جند نہ ڇٽي هُني سا نہ ڇٽي. سائين، جند ڪيئن ڇٽندي، جڏهين تہ هن وٽ ٻڌڻ لاءِ وڏيون وڏيون سنگهرون آهن، قرب جي سنگهر، ڳالهہ ۾ سامهين ڏ ر کي ٻڌي، پيهي تماشو ڏسڻ واري ’سنگهر‘، ڏکئي سکئي وقت ۾ نڪهن ڪان چوليءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري چوڏهن سال وَٺَ هيئان وچي وهندا هئا. غريب جا ٻار تون آهي نخرا ڇڏ، وڃي ڪو ٻچن جو پيٽ گذر ڪر. متو اچي ڪاڏو اٿئي. ڀلا جي بادشاهه پاڻ ۾ وڙهيا ته تنهنجو منهنجو ڇا. پر انهيءَ ۾ فائدو ڪهڙو؟ ميان دنيا وڃي چنڊ سان لڳي آهي تون آهين سو مڪليءَ جي مقام ۾ ڪٽي ڳوڙها ڪوڙيا اٿئي.“

”بس، وڏيڪ ڪجهه؟“

”يار هنن لفظن جي معنيٰ ته ٻڌائينم. ڀلا اهو چون ڇا ٿا؟ اسان ته اهي ساڳيا ساڳيا لفظ ٻڌي ڪڪ ٿي پيا آهيون.“

”ڪهڙا؟“

”مثال طور جيئن، فرسٽريشن، پيڙا، پڙلاءُ، لهرون، ويرون، آشائون، صدين ڪان، آڱرين ۾ قاتل سگريٽ، رم جهر رم جهم ستارا، اوشائون، مالهائون، آيڪ ٽرانڪ ـ ڪڙ ڪتو ڪٽي ويو وغيره وغيره.“

”ڇو! انهن لفظن تي وري ڪهڙو اعتراض اٿئي.“

”لفظن تي ته ڪونهي پر انهن وچارن لفظن کي اوهان اديبن ايترو ته رڳڙيو آهي، ايترو ته رڳڙيو آهي جو هاڻ نه خدا جا ٻندا ڪو الله ڪارڻ تو اهڙا لفظ وٺي ته مونکي ته الٽي ٿي اچي. ذرذر ساڳي ڳالهه.“

سو علي محمد ائين اديبن کي هر وقت نوازيندو رهندو آهي.

انهيءَ مان اهو به ظاهر آهي ته علي محمد ادب پڙهندو نه ته به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

کا گهران اوکي نيرن ڪري آيو هو، سو ٻڪيءَ لائين ۾ ويهاروڪن کين ست سئون ڀڏائي ويو. پوءِ بقول علي محمد جي ته ’اڇي ڏينهن ڦريا اڇي ڏينهن ڦريا.‘ آفيسر رٽائر ٿيو، علي محمد آفيسر ٿيو. رٽائر آفيسر لڪڻي وٽس آيو، ڏسڻ سان سڃاڻائينس ۽ ته ڪا ڏيٺي ٻاهر ڪڍيائينس، بلڪ چمپل اندر رهيا، مڙس ٻاهر هو.

هڪ ڀيري ڪنهن ڪيس ’جهنگلي مرغو‘ چيو، چئڻ ٻنهي سان ڪانپورءِ اهو همراهه بس ۾ چڙهيل ڏٺائين، بس روڪي ڪنڊيڪٽر لڌي، ڪي اشاري سان معاملو سمجهايائين. هُن غريب ته رکوکين ’جهنگلي مرغي‘ جو خطاب ڏنو هو پر هن سچو پچو جهنگلي مرغو بڻيس.

ان ڪري سنگت جي حلقي ۾ ڪيس جيڪي نالا مليل آهن، انهن ۾ هڪ ’بيورو ڪريٽ‘ جو نالو بہ آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي ته هن وقت چيف پروف ريڊر آهي.

ڳالهيون ته ٻيون بہ گهڻيون آهن پر خاص ڳالهہ هيءَ ٿي آهي تہ پيئندو چانهن آهي، کائيندو ماني آهي، رهندو يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ آهي ۽ مرندو ڳاڏيءَ ڪاٺي ۾ آهي.

—

صاحب خان "سورهيه" ميراڻي - نئون ديرو

Cell No : 0344 - 3919786

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڀلي ڪٺي ويهين گريڊ جو هجيس پر نوڪري ته يارهين گريڊ جي اٿس.

اسان ماڻهو وڏا صابر ۽ شاڪر سڏبا آهيون ـ اسان جا وڏا اسانکي نصيحت ڪري ويا آهن، سا به منظوم نصيحت، ”صبر جنين جي سير، تير نه گسي تن جو.“ ماڻهن جا مائٽ الائي ڪهڙا آهن، جن سنڌس کن ۾ اهو بيت ڦوڪي ڪو نه هنيو. ههڙو بي صبرو ماڻهو مون نه ڏٺو. ڪا شئي لکندو ۽ پڙهائڻ لاءِ کڻي ايندو مونوٽ ۽ چوندو ته، ’پڙهي راه ڏي.‘ ڏيڍ منٽ ڪانپوءِ وري اچي پڇندو ته ”پڙهيئه؟“ ۽ جواب نه مليس ته منهن ڦتائي ويندو ۽ اٺين ڪلاڪن اندر ڏيڍ منٽ جي حساب سان ٢٠٠ عدد ڦيرا ڪندو. هيڏانهن اسانجو حال هيءُ ته ’صبر جنين جي سير‘ جو اعليٰ ۽ نادر نمونو ۽ هر ڀيري جواب ڏيونس ته، ’يار جهل!‘ نيٺ اکيون ڪڍي ورندو به آهي. پر سنجهانئس ڌپ نه هوندو آهي، جو تشدد پسند نه آهي ۽ گوتم جي گانءِ آهي. ٻئي ڪي ڌڪ هڻڻ جي بدران پنهنجي نراڙ تي ڌڪ هڻي ڪيندو آهي.

ماڻهن ڪي چئن چگن ۾ وهڻ جو شوقينن وار ڊنگ نه ٿو اچي، جڏهين چار چگا Sad موڊ ۾ هوندا آهن يا افلاطون ٿيڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن ته هيءُ اهڙا ته بي سرا ٺهڪ ويهي ڏيندو آهي جهڙو پڪل ڏٻي ۾ ٺڪريون پيو اڇلائي ۽ اهي ٺڪريون اتان اٿڙيو اچيو مغز ۾ لڳن. ۽ جڏهين چار چگا وري ٺهڪ ڏيڻ جي موڊ ۾ هوندا آهن، تڏهين پٽڙ تي وهندو آهي يا ڪاوڙ ۾ سيني ۾ نهاري اتان هليو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آخر ۾ اچو تہ هٿ کڻي نواز ڀٽي جي ڪار جي پوئين دروازن جي حق ۾ دعا گهرون ۽ اها دعا گهرون تہ نواز کي عقل نصيب ٿئي تہ ماڻهن کي روز روز ڪار ۾ نہ وهاري نہ تہ ماڻهو اهي در کوليندي بند ڪندي اهي ڇاڻي ڏيندو ۽ پاڻ بہ ڪار مان ڇٽي سپرهاءِ وي، تي وڃي ڪرندو. آمين!

---

صاحب خان "سورھ" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# شوڪت شورو

سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي ته جيڪو شخص حد بهادر ٻ. هجي ۽ ڊڄڻو به هجي، نارمل به هجي ته ابنارمل ٻ، جهنگ جي باهه وانگر چمڙاڪ به هجي ته ڪوري، گهڙي وانگر ٿڌو ٻ، عقل به جام هجيس ۽ بي عقلائيون به اهڙيون ڪري جو وڇي ٿيا ست خير، راڃڻ (سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن) کي منهن به ڏيئي جاڻي ۽ راڄ ۾ ڪنواري ڇوڪريءَ وانگر شرمائيندو به هجي، پئسا خرچڻ ۾ پڪو به هجي ۽ هٿ ڦاڙ به هجي، رومانس، عشق ۽ محبت جي لفظن کان الرجڪ به هجي ۽ دل به اهڙي ته جو ننهين ڏرين جو انجام پاڪستاني فلم وارو ٿئي، يعني ته هڪڙي ڏور منڊيءَ ۾ پيل هيرو ڪاٿي ۽ ٻي ڏور وچ شهر ۾ ويٺي محبوبه کي پڪاري پڪاري ڪِري پوي، اهڙي شخص کي ڇا چئجي؟

هنڪان اڳ جيڪي لغتون لکيون ويون آهن، انهن ۾ ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ الائي ڪهڙو لفظ ڪم آيل آهي، پر جي مونکي لغت لکڻ جو ڪم ملي ته آءٌ 'ش' واري حصي ۾ شوڪت جو لفظ لکي اڳيان اها معنيٰ ڏيانس، جيڪا مٿي ڏني اٿم.

هن ماڻهوءَ تي لکڻ ۾ ضرور منجهندس، ايترو جو پهرين ته ارادو ڪيو هوم ته مٿس نه لکان. انهيءَ جا به ڪافي سبب آهن. هڪڙو ته سنگت ايترو ڊگهو عرصو هلي آهي، جو انهيءَ وقت جي وڏي ٿالهه مان واقعا، عادتون، آٽ ويهه،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بَڪ نہ کھٽيئي ڪندو آهي تہ ماڻهو سڀ بڪواس آهن،
ڪير ڪنهنجو ڪونهي، انساني رشتا مفاد تي ٻڌل آهن،
فرد کي پاڻ تي اختيار نہ آهي وغيره وغيره، پر پاڻ رشتا بہ
رکندو آهي، محبت بہ ڪندو آهي ۽ مدد بہ ڪندو آهي.
شل نہ ڪو ٻار اچي پنهنجي مصيبت ٻڌائيس، انکي ڏاڍو
سيريس ڪري وٺندو، پنهنجي چيل ڳالهين تان هڪڙي
ڏَڪ ۾ ڦري ويندو.
هڪڙي ڀيري ڪو ٻارُ گذاري ويس، سو ٻن ٽن موقعن تي
ڏاڍي جذباتي انداز ۾ مري وڃڻ واري جو ذڪر ڪيائين،
مونکي ڏاڍو تعجب لڳو تہ هيءُ جڏهين رشتن کي مڃي ئي
نٿو تہ پوءِ خوامخوہ جو ڇو اچي ڪَنَ ڪاڏا اٿس. سو نيٺ
مونکان بہ نہ رهيو ٿيو، سو طنز مان چيومانس تہ، ” انهيءَ
جو مطلب تہ توکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي؟“
” ها“
” اڇا توکي بہ ڏک ٿيندو آهي ماڻهن جو.“
” ڇو نہ ٿيندو، دوست هو.“
” دوستي ڇا ٿيندي آهي؟“ منهنجو ايترو چوڻ ۽ پٽوئي
ڪونہ پيم، ٽڪاءُ ڪلاس متي ۾ اچي لڳم. آهو ڏينهن
اڄوڪو ڏينهن شوڪت جي بڪواس تي سوچڻ بند ڪري
ڇڏيو اٿم. شوڪت جي واتان ’ڪاميو‘ جي واڪاڻ ٻڌڻ
بند ڪري ڇڏي اٿم. شوڪت جديد يورپ جا گهڻا اديب
پنهنجو پاڻ تي خوامخواہ جو مڙهي ڇڏيا آهن، آءٌ خوش
ٿڏهين ٿيندس، جڏهين اهي رائٽر پراڻي سوئيٽر وانگر پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شوڪت کي قبول ڪري ورتي آهي ۽ زندگي ڀر ۾ ڪم ٿڻ جي اجازت نہ ڏيندي آهي، جيتوڻيڪ اجازت گهرڻ جو حق ڏيندي آهي.

شوڪت ڳالهہ ڪهڙي بہ ڪري، دوست سان همدردي ڪرڻي هجي، ڪنهن اڳيان منٿ ميڙ ڪرڻي هجي، ڪنهن سان عشق جو اظهار ڪرڻو هُجي، ڪنهن سان ڪِيل پوڳ ڪرڻو هجي، پر شوڪت جي مُنهن تي رُڪ چڙهيل هوندو ۽ چهري تي ڀرپور سنجيدگيءَ سان ڪڏ هلڪيءَ ڪاوڙ جا ۾ ڪڪ بہ رکيا ڏسڻ ۾ محسوس ٿيندا. ڏار ڏار جذبن کي، تحرڪ ۽ گرميءَ کي پنهنجي جسم ۾ نڌ لڪي چور وانگر اهڙو ٻڌي ڇڏيندو جو ٻاهر ڪجهہ بہ ٻڌڻ يا ڏسڻ ۾ نہ ايندو. نہ رڳو اهو پر ٻولي بہ اهڙي کهري ۽ رُکي نموني سان استعمال ڪندو، جو جيڪڏهين ڀر ۾ ويٺل سنڌي نہ سمجهندو هجي تہ آهو في الحال اهوئي سوچيندو تہ حالتون نيڪ نہ آهن، امن عام ۾ رُخنو پوڻ وارو آهي، پنجَ ڪمري ڪان ٻاهر، ۽ جي واقعي شوڪت موڊ ۾ نہ هجي تہ پوءِ تہ اڌ ڪلاڪ جيءَ ڳالهہ کي اڌ منٽ ۾ ڇڏائيندو ۽ اهڙو ٽڪڙو ۽ مختصر ڳالهائي ويندو جو اڌ ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي اڌ نہ ايندي.

”شوڪت يار فلاڻي همراهہ تنهنجي ڏاڍي تعريف پئي ڪئي.“

”حرامي!“

”جي؟“



Scanned with CamScanner

”مين مين.“

”يار اتي آلائو خان به و يٺو هو، انهيءَ به تنهنجي ڏاڍي واکاڻ پئي ڪئي. پئي، آءٌ ته تنهنجي واکاڻ ٻڌي ڏ ڍ و خوش ٿيس.“

”بد معاش!“

”جي!“

”من من.“

”هر هيءَ سمان دري پوائر ٻڌهي آئي؟ يلا ڪيئن ٿي لڳي؟ سارتر جي سنگتياڻي هئي نه؟“

”واهيات!“

”واهيات ڇڪندي آهي ڇا؟“

”مونسان گهڻو گوڙ نه ڪر.“ اهو شوڪت جو آخري جملو هوندو آهي بلڪ اشارو هوندو آهي. همراه پاڻ نه اٿيو ته شوڪت اٿي دڙها هڻي ٻاهر نڪري ويندو. اهڙيءَ صورت ۾ سنگت کي صلاح آهي ته تري ٽارو ڪري. خير، اهڙو ڪو جاني مالي خطرو پيدا نه ٿيندو ۽ شوڪت کان اهڙي جرئت ڪانه پڇندي چو ته، مٽي ۾ گلاس صرف عبدالقادر کي هٿي سگهندو آهي، ٻئي کي نه. ۽ جيڪڏهين اوهان ڪيس مٽي ۾ گلاس هڻڻ چاهيو ته وڏيءَ خوشيءَ سان هڻي سگهو ٿا.

اسانوٽ (خاص ڪري يونيورسٽيءَ ۾) راز رکڻ ۽ راز ٻڌائڻ جي به وڏي فلاسافي هوندي آهي. خير اسان ته عادي ٿي ويا آهيون پر جي ڪوجڪ پنهنجي پستول ۽ نوڙهه سميت ٿي - ويءَ مان ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري اچي ۽ اچي



Scanned with CamScanner

اسانجا اهي مخصوص ’راز‘ هُدي ۽ اسين ڪيس اهي راز دل ۾ رکڻ لاءِ چئون ته هوندڪر ني ــ ويءَ جي نالڪن ۾ جيڪي ٻــ سمگلنگ جا راز ٻڌا اٿس آهي هوا تي سندس ڪنن مان نڪريو وڃن ۽ پستول نيوڪئمپس تي آچلائي رڙيون ڪري جبلن ۾ ٽاٽي بولا خان ڏانهن رخ ڪري. اهي راز چوڪرا، ڏوڪرا ٻ چئي سگهن ٿا، توڙي چوڪريون و ڏوڪريون ٻــ چئي سگهو ٿا. پنهنجن ويجهن کي ٻڌائيندا آهن ۽ پوءِ سختيءَ سان ٻئي کي ٻڌائڻ کان منع ڪندا آهن ۽ راز کولڻ جي صورت ۾ تعلقات خراب ٿيڻ جي ڌمڪي ٻ ڏني ويندي آهي.

انهن رازن جو هڪڙو نمونو اوهان ٻ ٻُڌي ڇڏيو.

تمام آهستي آهستي، ”ادا!“

”جي ادي!“ زور سان.

”ھِش.... آهستي ته ڳالهاءِ.“

”ھا!“

”ٻيهه ٻاهر ڏسان ته ڪير ٻُڌي نه ڪونه ٿو.“ ائين چئي ادي ٻاهر نڪري جانچ وٺي ٻچاڙيءَ جو پٺيون ٻ ٺوڪيندي ته متان ٺيڪيدار جيءَ غلطيءَ سببان پٺ اندر ڪا سُرنگهه نه رهجي وئي هُجي ۽ ڪو اُتي ويهي ڳالهه نه ٻڌندو هجي.

”ها!“

”ڪلهه وئي هيس هل ٽاپ تي فلم ڏسڻ، Sun flower. واهه جي فلم هُئي.“



Scanned with CamScanner

”هو به ڪيرڪڏ هو ڇا؟“

”نه نه، هو وري ڪير هوندو.“

”ها، پوءِ....“

”انٽرويل ۾ ٻاهر نڪري ڇٽا وڃي ڪاڏ م، اتي عطا محمد بيٺو هو.“

”ها!“

”جڏهين سئنيما ختم ٿي تڏهين پنڌ هاي اچي پاڻ واريءَ بس ۾ ويٺيس.“

”اڇا!“

”بس اچي هاسٽل تي ڇڏيو.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي رهيس.“

”واهه!“

”پر ٻڌ! تون آهين دل جو هلڪو، پر اها ڳالهه ڪنهن کي ٻڌائجانءِ نه. ڏس نه ادا ماڻهو پوءِ اهڙا ڪينا آهن جو....“

”ها ها ڪينا ته آهن.“

”تہ پوءِ بس، ڪنهنکي به نه ٻڌائجانءِ. اهو راز دل جو دل ۾ رهي.“

ان ڳالهه ٻڌڻ کانپوءِ اوهانتي مذهبي، اخلاقي، قانوني، سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ زرعي فرض تو عائد ٿئي ته توهان اها ڳالهه ڪنهن بني بشر کي به نه ٻڌايو.

هاڻ توهان سوچيو ته جتي اهي راز پلجن ٿا ۽ پوءِ ڪُلن به



Scanned with CamScanner

آهي، بلڪ ڪنهن حويليءَ جو مالڪ آهي. باقاعدي ته شادي ڪانه ڪئي اٿس (بي قائيدي ته شادي ٿيل ئي اٿس.) پر جڏهين به ڪندو، تڏهين پڪ اٿم ته آغا سليم جي چوائي ته، ”زال تي ٿي باقاعدي قبضو ڪري هلڻ اسان جي عادت نه پر جبلت آهي.“ جو مثال بڻبو. راڃا ريت ۾ زال ڪي مُنهن ڍڪائي هلي يا نه هلي، پر بولتي ضرور بند ڪندس ۽ بولتي بند ڪري نه سگهيو ته سپ رسا ڪڍي چوندس ته وڃي ابي امان جي گهر ۾ آرام ڪر ۽ جڏهين اٿين ڪندو، تڏهين آءٌ ڏاڍو خوش ٿيندس، ڇو جو اهي جيوڙا مون ۾ به آهن. اخلاقيات ڪي لک گاريون ڏيون، ڪتاب لکون، مجموعا گڏ ڪري ليڪچر ڏيون، پر سچي ڳالهه ڪري پڇو ته نيٺ ته سنڌي مرد آهيون. مون جڏهين به عورت جي آزاديءَ تي ليڪچر ڏنو آهي، تڏهين پنهنجو پاڻکي وڏو هيپو ڪريٽ سمجهيو اٿم، شڪر آهي ته سنگت جو وَرُ به اهڙن ماڻهن سان آهي. نه رڳو شوڪت پر آغا سليم ۽ مشتاق شورو به منهنجا ڳهاتا دوست آهن. سنڌي ادب ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد تمام گهٽ آهي، جيڪي پنهنجي لکڻين جي اُبتڙ هوندا آهن، شايد تڏهين ئي تي امين ايليٽ ٻين راڻن ڏيڻ سان گڏو گڏ اهو رايو به ڏنو آهي ته: ”فن تخليق ڪرڻ، پنهنجي شخصيت کان فرار حاصل ڪرڻ هوندو آهي.“ نفسياتي طور تي اها ڳالهه صحيح آهي يا غلط، ان تي فتويٰ خيرالنساء جعفري ڏي، جيڪا نفسيات جي اُستاد عمر سان گڏو گڏ ماهرن جا ٿاهيل نفسيات جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پڙهڻ جي طاقت آهي، جڏهين عالماڻيءَ جون اکيون پڙهيائين، تڏهين ٿورو ٿورو ڊ جي ويو، جڏهين سهڻي عالماڻيءَ تمام ٺيل خوبصورت اکين ٽي اکين ۾ موڪلايو، تڏهين شوڪت کان چرڪ نڪري ويو، بلڪ هفتو کن پوءِ شوڪت کي پيٽ ۾ وڏيڪ سور محسوس ٿيڻ لڳو.

”يار قادر، پيٽ ۾ سور وڏي ويو آهي.“

”چو؟“

”هون....“ وڏي ويچار ۾ لڙهي ويو.

”چپ ٿي وئين؟“

”يار متان پيٽ جو ڪئنسر نه هُجي.“ منهنجي اکين ۾ تعجب پرجي آيو، ”نه نه ائين وري ڪيئن هوندو؟“

”يار عالماڻي به ته مري ويو نه!“

”پر توکي ته سُوري آهي.“

”يار ڊاڪٽرن تي ڪهڙو اعتبار. عالماڻي به نه اوچتو ئي اوچتو گذاري ويو.“

مون انهيءَ ڏينهن سندس اکين ۾ موت کان خوف ڏٺو. اسين موت کان پلي ڪٿي نه ڀڄون پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي پاڻ ته مري ويندا آهن، پر موت کان نه ڀڄڻ وارن کي به ڊيڄاري ويندا آهن. عالماڻي به انهن ماڻهن مان هڪ هو ۽ شوڪت کي موت جو ڊپ ڏيئي ويو. اڄڪلهه شوڪت سان موت جي ڳالهه ڪريو ته هو انکي سگريٽ جي سولي ۾ نه اڏائيندو، پر دونهين سان گڏ اندر رهڙهي ڇڏيندو، جيئن ٽيڪ هاڻ ته سُوري به ڇڏي ويٺي اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زندگيءَ ۾ وڏيون شڪستون کائيندڙ شوڪت ڳالهين ۾ شڪست نہ کائيندو آهي. چڱا خاصا ماڻهو جيڪي لٺ هڻي نہ ڄاڻندا آهن ۽ زبان جي خنجر سان ماڻهن کي زخمي ڪري سامهين ڌُرتي چڙهت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پنهنجا عيب حملہ آور لفظن جيءَ آڙ ۾ لڪائيندا آهن، اهي شوڪت اڳيان هار کائي ويندا آهن ۽ شوڪت مٿن اکوات وارو ڪري عيب اگهاڙا ڪري ڇڏيندو آهي، ڇو تہ پنهنجا عيب نہ لڪائيندو آهي. شوڪت بي ضرر ماڻهوءَ تي ڪڏهين بہ حملو نہ ڪندو پر جي اڳينءَ ڌر جي اکين ۾ ڪو خرابو ڏنائين تہ پوءِ نہ ڇڏيندس. انهيءَ ڪري جيڪي ساڻس محبت نہ ڪندا آهن، اهي ڪانئس الرجڪ هوندا آهن ويچارا.

۽ شوڪت سڄيءَ دُنيا کان الرجڪ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## علڻ فقير

علڻ کان پڇيم ته "هت اچڻ کان اڳ ڇا ڪندو هُئين؟"
"ريڊيو ۽ ٽي- ويءَ تان ڳائيندو هوس ۽ محفلن ۾ به وڃي ماڻهن جي دل وندرائيندو هوس."
"تنهن کان اڳ ڇا ڪندو هُئين؟"
"ٽيرينن ۽ بسن ۾ چڙهي مزاحيه ڪلام ڳائي، پئسينجرن کان آنو، ٻه آنا ڇڏائيندو هوس، ڪڏهين ڪڏهين اسڪولن ۾ به لنگهي ويندو هوس."
"ٽِنهن کان اڳ ڇا ڪندو هُئين."
"ڳڏ ڳهه تي چڙهي گهمندو هوس."
"اڃا رکو چڙهي گهمندو هُئين."
انهيءَ ڳالهه تي جواب ڏيڻ جي بدران ڏند ڪڍي ڪِڪ ڪِرڻ لڳو.
جيڪڏهن علڻ جي ڳالهين تي وڃجي ته پوءِ لکڻ واري سان گڏ پڙهڻ واري جو به سِرُ ويندو، پنهنجو سِرُ ته هونئين ڳالهين ئي ڳالهين ۾ وڃائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري علڻ جي ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ جي بدران سندس ڏندن تي اعتبار ڪجي، جيڪي هو ڪنهن به اهم ڳالهه تي سامهينءَ ڏرَ ڪي ڏيکاريندو آهي.
علڻ فقير ڳائڻو به آهي، مڱڻهار به آهي، پوءِ به لالچي نه آهي. لالچ مڱڻ ڪي پيليو بيٺي آهي، پر علڻ فقير جو قدرت اهڙو ٻوٿو ٻوڪيو آهي جنهنڪي ٻوٿين جون ڇنيه ذاتيون ڪانئيندڙ لالچ جي آٿ ڇُهيو به نه آهي. جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کي ڇيڪي ٨٠ ڊگرين تي رکندو، تنهنکانپوءِ چوندو ته
”ٻابا سائين! موليٰ خوش رکيئي.“
”مهرباني.“
”بابا سائين، ٿوررڙو اهو گهر ۾ ڪم آهي، سو مڙئي موڪلڙي کپي.“
”وڃ!“

اهو ٻڌي علي گهوڙي واري هٽڪ ڪندو ۽ ڪمري مان نڪري ويندو.

جڏهين مونکان موڪل وٺي هوندي اٿس ته صرف چوندو آهي ته ”بابا سائين وڃان؟“ آءٌ جواب ڏيانس ٿي ڏيانس تنهنکان اڳ ۾ ٻاهريون دَر ٻه ٺپي ويندو آهي.

هڪڙا ته ٻ قاعدي رجسٽر ٿيل سوشل ورڪر هوندا آهن ۽ ٻين کي باقاعدي سوشل ورڪريءَ جي بيماري لڳل هوندي آهي. انهيءَ بيماريءَ ۾ گهڻا ورتل آهن پر اهو مرض باقاعدي سان هڪڙو حميد سنڌي کي لڳل آهي ۽ ٻيو علي فقير کي. سوشل ورڪريءَ ۾ سندن خاص شعبو نوڪري ڏيارڻ وارو آهي. ووي ته نوڪريءَ ڏيارڻ وارو بيورو ضرور اڃا ٻه کولي رکيو هوندو پر علي ٻه ته پنهنجو بيورو بند نه ڪيو آهي. علي کي چوڪيداريءَ جا اميدوار گهڻا هٿ ايندا آهن. علي فقير پنهنجي اهڙي چوڪيدار اميدوار جي حسن ڪارڪردگيءَ جي تعريف هن ريت ڪندو:

”بادشاهه همراهه اهو آندو اٿم، جو تنهنجا سڀ چوڪيدار هڪڙي پاسي هيءَ همراهه ٻئي پاسي. موليٰ خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رکيٺي سيوهڻ جي اوريان ٻاهر وٽ جيڪا بس ڦراٺي هئي
سا هن همراه ڦري هئي. نوابشاهه ضلعي مان هڪڙي همراه
اٺ مينهون ڪاهي، درياء اڪاري دادوءَ ضلعي ۾ آنديون.
آهو هيءُ هو. هينئر تورڙو مولائي تي وڌو آهي. چوڪيدار
ڪري رکينس، سامان جي ڏاڍي حفاظت ڪندو.“
هاڻ توهان پاڻ سوچيو ته آفيسر ويچارو انهيءَ همراه کي
رات جو خواب ۾ ڏسندو ياڪيس پنهنجي سامان جي حفاظت
لاءِ مقرر ڪندو؟ اسانجي ته دعا آهي ته سڀني چورن ۽
ڌاڙيلن کي چوڪيدارييون ملن، سڌري پون، جي ڀلا پاڻ
نٿا سڌرن ته اسانکي ته سڌاري ڇڏيندا.
علي رکيو چورن ۽ ڌاڙيلن جون واڪاڻون ڪونه ڪندو آهي،
پر سندس واڪاڻ جا ٻيا به ڪي نشانا آهن. زال جي واڪاڻ
ته هونئين گهڻي ۾ ٻڌبو هلي. ٻئي واڪاڻ ڪندو آهي پيءُ
۽ سسَ جي. بقول سندس ته اهي شخصيتون لوڪ گيتن جا
بادشاه آهن، اصل ڪان ڳائڻ ويهن ته ست راتيون ۽ ست
ڏينهن ٻيا ڳائين ته به ڪٿندا ڪونه. سندس پيءُ ۽ سسَ
ست ڏينهن ست راتيون ڳائين يا نه علي فقير ڪين ست ڏينهن
ست راتيون پيو ڳائيندو. سندس انهيءَ راڳ تي الانا
صاحب موهجي پيو ۽ ڪيس چيائين اهي ٻئي وني اچي رڪارڊ
ڪرائي ڇڏ. هاڻ الانا صاحب جي انهيءَ ڳهر جو سلسلو
هڪڙي پاسي جاري آهي ۽ علي فقير جا آسرا ٻئي پاسي آهن،
ڏسون ته ڪڏهن ٿي اها دودي سومري واري ڳالهه ڪٿي
خدا جا ٩٠ ڏينهن ۽ ٩٠ راتيون ته گذري چڪا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڪين‘ سان نهاري ڪَهڻ جي ڪار ڪندو آهي. اکين کي ستت ڪرڻ جي شوق ۾. ادھ کُلي آنکهين‘ ڪري هلندو آهي. ڪڏهين ڪڏهين اکيون پوري به ڇڏيندو آهي ۽ جهُوتو به کائي وٺندو آهي. انڪري ڪڏهن شڪ پوندو آهي ته ڪاٺو آهي، ڪڏهين شڪ پوندو آهي ته ننڊ ۾ آهي. هونئن ننڊ ڪرڻ جو به ڏاڍو شوق اٿس، انڪري هلندي سمهندو آهي، ويٺي سمهندو آهي، ڳائيندي سمهندو آهي ۽ جڏهين واقعي سمهندو هوندو تڏهين شايد ’گذاري ويل‘ لڳندو هوندو.

هر ڪنهن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندڙ هن ماڻهوءَ جي ڳڻتي ڪهڙي آهي؟ اها ڳجهارت اڃ تائين ڀيجي نه سگهيو آهيان. ڪو ڀيجي ته ٻڌائي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قصو ائين آهي. وڏي غور ويچار ڪانپوءِ فيصلو اهو ٿيو ته جيئن ته منهنجي قتل ٿيڻ جا امڪان گهڻا آهن، انڪري مدد پنهنجي فون ذريعي چوريءَ سان رابطو پيدا ڪندو ۽ ڇوڪريءَ کي آءٌ خط ذريعي اهڙو اطلاع ڏيندس ته هوءَ مدد سان رابطو پيدا ڪري. هن پاسي ڇوڪريءَ اهو ڏنو ته عبدالقادر نون سالن ڪانپوءِ الائي ڪهڙي قسم جو ماڻهو ٿي چڪو هوندو، متان ڪنهن وڏيءَ بدمعاشيءَ جو شڪار ٿي وڃان، سو پنهنجو نمائندو (جيڪو پاڙي جو هڪ سنڌي ڇوڪرو هو.) مقرر ڪيائين ۽ صلاح اها ٿي ته پهرين پنهين ڌرين جا هيٺين سطح تي مذاڪرات ٿيندا بعد ۾ ڌُر ڌڻي ظاهر ٿيندا. نمائندي مدد کي فون تي اهو اطلاع ڏنو ته، ”آءٌ ڪوهنور سئنيما وٽ اچي ويٺي رهندس مونکي سُرمائي رنگ جا ڪپڙا پيل هوندا. اتي اچي مل.“ سو سائين مدد به تيار ٿي ڪوهنور جي آڏو چڪر ڪاٽڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڏسي ته اُتي هڪ ٿلهو متارو پهلوان قسم جو، گنجو همراهه اچي ويهي رهيو، سُرمائي ڪپڙا پيل هجنس، مُڇون وٽ ڪاٽي وڃي ڪنن سان لڳيون اٿس. اتي مدد ڏٺو ته شيخن کي پيٽ پيو، اجهو ته موچڙا کاوان، پهرين ته خيال ڪيائين ته جتي هٿن ۾ ڪڍي ٿيان الهه توهار پر، پوءِ پنهنجو پاڻکي سنڌ يونيورسٽيءَ جو شاگرد سمجهي پير جهليائين، ان وچ ۾ اصل نمائندو به اچي ويو ۽ مدد جي پيٽ ۾ ساهه پيو.

ان ڪانپوءِ مذاڪرات، شادي، اغوا جي ڪيسن، روپوشيءَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

’ناپسند‘ جو لفظ به درج ڪيو آهي ته ضرور ڪا ته ڳالهه آهي. ڪو ماڻهو وڻندو آهي، ڪو نه به وڻندو آهي، ڪنهن سان هٿ جو سلام رکبو آهي، ڪنهن سان جوٽيون ڏيون آهن، ڪنهنکي ٻري ڪان ڏسي آيي واٽ ڏيڻي پڇبو آهي، پر مدد لاءِ سڀ ماڻهو ’مدد‘ آهن، پسنديده هوندو ته. اڪين تي جي ناپسنديده هوندو ته به وڏيءَ دل ڳڙدي سان ڪيس نه رکبو قبول به ڪبو پر مٿي تي چاڙهي وهاربو ۽ پاڻ وري ڪنهنجي به مٿي تي نه چڙهندو.

توهان مدد جي اوطاق (حيدرآباد شهر ۾ اوطاق! ڪيئن ٿا ڀانيو.) تي وڃي وهو. منٽ ٻن ۾ ٻاهران ٻيٺل همراه در مان ڪنڌ اندر ڪندو، ”مدد تورو هيڏانهن ته اچجانءِ.“ ۽ مدد يڪدم تپ ڏيئي اٿي وڃي همراه سان ڳالهائي موٽي ايندو. ذري ڪانپوءِ ٻيو، ٽيو مطلب ته مدد جي اٿ ويهه جو سلسلو جاري هوندو، اوهان ڪيس ڪچهري ڪرڻ جي بدران رکو ايندي ويندي پيا ڏسندا، نيٺ ڏهون يا ٻارهون ماڻهو اهڙو ايندو جيڪو هڪڙي منٽ لاءِ اچڻ جو چئي مدد کي وٺي ويندو ۽ پوءِ ڀلي توهان ويٺا انتظار ڪريو. همراه وڃي هيرآباد يا لطيف آباد مان نڪرندو (مدد جو گهر ڳاڏي ڪاتي ۾ آهي.) ۽ جيڪڏهين يار گهڻو زور ڀريس ته ڪراچيءَ مان به وڃي نڪرندو. ان ڪري سنگت کي صلاح آهي ته مدد وٽ مدد لاءِ وڃو پر ڪچهري ڪرڻ لاءِ نه وڃو.

مدد آخر مدد ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مدد هٿن پيرن سان وڙهي نه ڄاڻندو آهي، الڪري زبان سان وڙهڻ جي عادت اٿس. ڳالهائيندي ڳالهائيندي ابترو نه وٺي گوڙ ڪندو جو ڇت ڪرڻ جو انديشو پيدا ٿيندو آهي. ڳالهائيندي ٻانهون به ڏاڍيون هلائيندو آهي، ڇو ته ٻانهون ڪنجي پوءِ اچي ڳالهه ڪي وٺندو آهي ۽ وڙهندي وڙهندي جيڪو لفظ بار بار استعمال ڪندو آهي، اهو آهي، ’حرامي پينسان!‘.

پرسڪون لکڻين کي پسند ڪرڻ وارو هيءُ اديب خود هر وقت ڪنهن نه ڪنهن هنگامي ۾ وٺ وٺان ۾ ورتل هوندو آهي.

صاحب خان ”سورهه“ ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

به ائين چوي ٿو، ڇو جو مون ساڻس سنگت به رکي ڏٺي آهي ۽ ساڻس وڙهي به ڏٺو اٿم. پر ڊاڪٽر الانا صاحب جو چوڻ آهي ته اها ڳالهه نسورو ڪوڙ آهي. الانا صاحب ائين ڇو ٿو چوي؟ ان جا به سبب آهن.

سنگت جا ور پيچ ۽ سنگت جا دستور ڪجهه ڏنا اٿون، ڪجهه هنڌا اٿون پر هنن ٻنهين جي پاڻ ۾ سنگت راڄن ڪان نرالي آهي، بقول علي فقير جي ته ٻئي ليلا مجنان آهن. اردو غزلن ۾ جو پڙهندا آهيون ته نظرن ٿي نظرن ۾ محبت ٿي ويئي. سو هي بنا ڪنهن اعلان ڪرڻ جي دوستي رکيو اچن، جيڪا ظاهري طور تي قطئي ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي ۽ ڪڏهين ڪڏهين پاڻ ۾ رسندا آهن ته هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه بند هوندي آهي پر خبر ڪنهنکي به نه پوندي آهي. الانا صاحب، جيڪو معمولي ڳالهه تي هٿ جي ترئي تي چٽ ڪٽي ويهي رهندو آهي، اهو به جبار جي روسامي کي ايترو ته خفيه رکندو آهي، جو پتوئي نه پوندو آهي، ۽ وري سرچندا به قسطن ۾ آهن. سرچڻ جي شروعات ڊاڪٽر جبار ڪندو آهي. صبح جو سوير ائين وکي ڪان اکيو اچي پهرين سپر هاء وي جي سامهون ويهي هوا وٺندو آهي، پوء اچي بنا ڪنهن کنگهه ڪڙڪي جي الانا صاحب جي آفيس ۾ ويهي رهندو ۽ درد پڙيون اکيون کڻي الانا صاحب ڏانهن نهاريندو ۽ الانا صاحب موٽ ۾ پهرين ته اکيون ڦيري ڇڏيندو ۽ چهري جي تاثرات ذريعي چوندس ته، ”نٿو ڳالهايانءِ، ڇا ڪندين؟“ ۽ پوءِ وچي هفتي ۾ قصو

نهندو- جن تہ ڪا ڳالھہ ھٿي ٿي ڪانہ، پر تاڙن وارا
تاڙيو وجن.
ڊاڪٽر صاحب ماڻھن جي صرف ھڪ صورت ۾ مدد ڪندو
آھي، آھا آھي گاڏيءَ جي مدد. ڪو بيمار ٿئي يا شھر ۾
ڪو ضروري ڪم پوبس تہ ھلي وڃي ڊاڪٽر وٽ، ڊاڪٽر
پنھنجي گاڏي ڪڍبو گڏ ھليو ھلندو، پر انڪري نہ تہ
ڪو گاڏيءَ ذريعي قومي خدمت ڪرڻ جو شوق اٿس،
پر انڪري ھلندو آھي جو (نہ) چوڻ جي جرئت ڪري
نہ سگھندو آھي. اھا 'نہ' ڪرڻ جي جرئت صرف تڏھين
ٿيندي اٿس جڏھين ڪيس ڪنھن شاگرد کي پاس ڪرڻ
لاءِ چئبس. سفارش مڃي تہ پنھنجي جاءِ تي، مورڳو سفارش
ڪندڙ اڳيون سوجھرو بہ چٽ ڪري ڇڏيندو، تہ ٿي وري
پاڻ ڪنھنجي سفارش ڪندو آھي، انڪري نڪو ٻڌي
نڪو پڙھائي.
ڊاڪٽر صاحب پاڻ تہ ڪنھن سان گھاٽي سنگت ڪانہ رکي،
پر سندس گاڏي ماڻھن ڏانھن دوستيءَ جو ھٿ وڌائيندي
آھي ۽ پنھنجيءَ ھنج ۾ جاءِ ڏيندي ۽ ويھن ڪان مٿي
اسپيڊ ۾ نہ ھلندي آھي، روڊ جو پاسو ڏيئي ھلندي آھي،
جاسوري پنڌ وڃ يا ڊاڪٽر جي گاڏيءَ ۾ وڃ، ڳالھہ
ساڳي آھي. وتائنس جڏھين گاڏي ويندي ھلي آھي
تڏھين گاڏيءَ جا دوست ڊاڪٽر کي پري کان آگريون
ڏيکاري 'ٽاٽا' ڪري گھٽيءَ ۾ لڪي ويندا آھن ۽ پيو
پرو جڏھين ڪيس سُنھن پوندا آھن تہ تقريباً ڪيس سڃاڻن

ني آهي پر ڊاڪٽر چرچي جي جرئت ضرور ڏيکاريندو. پر اهو ايترو آهستي هلندو آهي، جو جملي جي پوين لفظ ايترا ته جهٽڪا ۽ سس ڦس وارا ٿي ويندا، جو ڳئون کي ٻڌڻ ۾ ڳالهه ايندي ٿي نه آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مشن ۾ فيل ٿي پوندو آهي.

مون اڪثر ڏٺو آهي ته جيڪي پڪو راڳ ڳائي ڄاڻندا آهن يا راڳ کي پرکي سگهندا آهن ته آهي ڄاڙي تمام گهٽ هلندا آهن يا شايد هٽي پوندي اٿن، جو ماڻهن کي اهو ٻانور ڪرائڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي ته پڪو راڳ به ڪو راڳ هوندو آهي ۽ انکي سمجهي به سگهبو آهي، بي يقيني ۽ جي اها ڪيفيت دور ڪرڻ لاءِ ڄاڙي هلڻ تمام ضروري آهي، پر ڊاڪٽر صاحب ڪو عجيب ماڻهو ٿو ڏسجي جو پڪي راڳ کي نه رڳو راڳ سمجهي ٿو ۽ پرکي به ٿو ۽ ڄاڙي به نٿو هٽي، معنيٰ ته، پڪو يقين اٿس. جيڪڏهين ڊاڪٽر صاحب کي يقين آهي ته اسانکي به يقين ڪرڻ گهرجي جو سندس فتويٰ بلڪل اٿينٽڪ هوندي آهي. رڳو راڳ سمجهي ڪونه، پر ساز به وڄائي سگهندو آهي، پر عادتون ساز وڄائڻ وارن جهڙيون ڪونه اٿس.

جيڪو ماڻهو پڪي راڳ کي سمجهي سگهي ٿو ته انکي يقيني طور تي چيني زبان به سمجهڻ گهرجي، جو اها دُنيا جي ڏُکي ۾ ڏکي ٻولي آهي، لکڻ ۾ توڙي ڳالهائڻ ۾، انجو اندازو هن مان لڳي سگهي ٿو ته هڪڙو اکر 'چني!' زور مان چئو ته هڪڙي معنيٰ ٿيندي، آهستي چئو ته ٻي معنيٰ



Scanned with CamScanner

ٽيندس، روئي چئو ته ٽئي معنيٰ ٽيندس، ڪلي چئو ته چوٿين معنيٰ ٽيندس، ڪنڌ ۾ ڪُهنڊ وجهي چئو ته پنجين معنيٰ ٽيندس. اهڙيءَ زبان سان انيڪ اڙائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ ڊاڪٽر ان زبان سان اهڙو انيڪ اڙايو آهي جو نه ڪيس ٿي چيني زبان ڇڏي ۽ نه وري پاڻ ڇڏي سگهيس ٿو، نه رڳو چيني ۾ پر ترڪيءَ ۽ فارسيءَ تي پنهنجا هٿ صاف ڪندو آهي ۽ عربي مٿس هٿ صاف ڪندي آهي. هيتريون زبانون ڄاڻندي پوءِ به ماڻهو تور ڳالهائو هُجي ته، اهو ڊاڪٽر صاحب جو ئي ڪمال آهي.

ڊاڪٽر صاحب کي پڪي راڳ ۽ زبانون سکڻ جي بيماريءَ سان گڏ و گڏ ماڻهن جي لکڻين مان چڪون ڪڍڻ جي بيماري به لڳل آهي. هر شئي توري تڪي پڙهندو ۽ ان مان اهڙي چڪ ضرور ڪڍندو جنهن تي جيڪڏهين لهڪ نه ڏيئي سگهجي ته چپن تي مُرڪ ضرور تري ايندي. ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ جا سڀ ڪتاب الائي چُڪ ڪڍڻ لاءِ پڙهي ٿو يا پڙهڻ لاءِ پڙهي ٿو، يا جيڪڏهين صرف پڙهڻ لاءِ پڙهي ٿو ته پوءِ ته نهيو، ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي، باقي جي چُڪن ڪڍڻ لاءِ پڙهي ٿو ته پوءِ مٿيرو چٽبو، چو ته چُڪ تڏهين ئي ڪڍي سگهبي آهي، جڏهين ڪا شئي گهرائيءَ سان پڙهي ويندي آهي. گهڻا ته رڳو ڪتاب تان هٿ ڦيريندا آهن ۽ پوءِ افلاطون ٿي وڃي ماڻهن کي اوندا سوندا ليڪچر ڏيندا آهن، هي، گهٽ ۾ گهٽ انهن مان ته نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي، ماٺ ماٺ ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ ماٺ ماٺ ۾ چڱون ڪيل ڏو آهي ۽ هنگامو صرف تڏهين ڪندو آهي جڏهين ولس ڪا سفارش پهچندي آهي.

انڪري چوڻ وارن صحيح چيو آهي ته نه سڄڻ آسرو نه دشمن ڀئو.

—

صاحب خان "سورهہ" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مراد علي مرزا

ليکڪ
پروڊيوسر
پڙهاڪو^8
مولائي لڏو
وغيره وغيره
آءٌ جيڪڏهين رسالي شمع جو 'سوال جواب' واري ڪالم جو انچارج هُجان ۽ ڪو مونکان پُڇي تہ مراد علي مرزا جي مٿي ڄاڻايل خاصيتن کي ترتيبوار نمبر ڏيئي رکان تہ هيئن رکندس:
نمبر ۱ پڙهاڪو، نمبر ۲ پروڊيوسر، نمبر ۳ مولائي لڏو، نمبر ۴ وغيره وغيره ۽ نمبر ۵ ليکڪ.
مراد ريڊيو تان تمام سُٺا ڊراما پروڊيوس ڪيا آهن، مُراد تاريخ، ادب، عمرانيات، نفسيات، سياسيات تي تمام گهڻا ڪتاب پڙهيا آهن، پوءِ بہ لرزو نہ آهي، باقي وغيره وغيره ضرور آهي. البت جيئن عِلمُ حاصل ڪري سگهندو آهي تيئن آموڏيئي نہ سگهندو آهي.
"مراد'! جيمس جوائس جو Ulysses پڙهيو اٿيئي؟" (اهو ناول دُنيا جي ڏکين ناولن مان هڪ آهي.)
"يارَ غضب ڪري ڇڏيو اٿس، ڪٿين نہ ٿي ڇڏيا هڪ ٿي شهر کي ڏسن ٿا. وچ! ساري ڇڏيو اٿس. ڪُٿي ڇڏيو اٿس نہ صفا. اهي ماڻهو سائين وڏا ڄاڻو آهن." انهن ٻن ٽن جملن ڪانپوءِ رکو پيو هٿ هلائيندو آهي ۽ چاهڻ جي


Scanned with CamScanner

اهو شوق پر ڪري اَڏامي ويو آهي.
يعني جيڪو لکندي هئي اهو نالي جي شوق ۾ لکيائين ۽ رڳي ٺڳي هئي - پر اها ٺڳي نه هئي. ٺڳي هيءَ آهي ته جيڪا ڳالهه هاڻ تي ڪري. هونئن به فنڪار کي نخري جو حق مليل آهي. انهيءَ حق جو وڏو استعمال پڪاسو ڪيو آهي. يعني پنهنجي تصويرن کي بڪواس قرار ڏنو اٿس ۽ ننڍو استعمال تنوير ڪيو آهي ۽ پنهنجي ڪهاڻين کي نالي جي شوق ۾ ڇپايل شيون چوي ٿي.
فيصلو اوهان تي ڇڏيل آهي ته جڏهين تنوير ڪهاڻيون لکندي هئي، تڏهين ڪوڙي هئي يا هاڻ آهي، جڏهين چوي ٿي ته نالي ڇپائڻ جو شوق نه رهيو آهي، انڪري نٿي لکان.
مهرباني ڪري جلدي فيصلو ڏيو.

---

صاحب خان "سورهه" ميراڻي - نئون ديرو
Cell No : 0344 - 3919786

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي ۾ The end of Innocense سان. پر اُن هوندي به
پٺي نٿي ڏينهن مونکان پڇندو رهندو آهي ته، ”سائين ڪا
فلم ڏٺان؟“ـ اسان ته آهيون ابراهيم خُشڪ (سنڌ يونيورسٽيءَ
جو ليڪچرر) وانگر فلمن جا اڻدا شوقين. ’خانزاده‘
ڪانونٽي Sun Flower ٽائين قصي ڪي پيا هلائيندا آهيون.
سو ناز جي ڳالهين ۾ اچيو وڃونس. پر موٽ ۾ پاڻڪان
جڏهين به پڇينس ته، ”ڪا فلم ڏٺي؟“
”سائين ارادو ته آهي.“
”ڪڏهين ڪان؟“
”مڙيئي اهي ٻارنهن مهينا ڪن ٿيندا.“
ڪاش اهو سوال ڪانئس ٻارهن مهينا اڳ ئي پڇجي ها.
پر مهينو کن اڳ الائي ’فلم‘ جي ڊائريڪٽر جي ڪٿي يا
هيل ٽاپ سئنيما جي سو فلم Spy who loved me ڏسي
آيو. واڪاڻ ٿو ڪري جو ڪاني ٿي ڪڙهي، وڻ
ٽا ٻرن، رڳو ٺلهو جي وليءَ پنهوالي (انسٽيٽيوٽ
آف سنڌ الاجيءَ جو هڪ محنتي ۽ دلچسپ پنهوالو) وانگر
’ڪارناما واهه جا ڏيکاريا اٿس، ڇني جند ڇڏي ته به نيڪ‘
هت ته دودي، سومري جي ڳالهه وانگر ست ڏينهن ست
راتيون پيو قصو هلي.
پڻس سان توڙي ٻنا پڻس جي ڪنيل نيڪن جا به قسم
آهن.
هڪڙو نيڪو ته هوندو آهي جاڻن جڳهون ٺاهڻ جو يا
ڪيائي ۽ انب جي فصل جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner